هفتيوار رسالو

امير اهلسنت جي ڪتاب "گفتگو جا آداب" مان پنجين قسط

# زبان جي حفاظت جي اهميت

سخت گرميءَ جو روزو برداشت پر...
روزيءَ ۾ تنگيءَ جو هڪ سبب
جهالت جون 6 نشانيون
5 بهترين نصيحتون

شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: زبان جي حفاظت جي اهميت

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1448هـ، جولاءِ 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محـمـد اليـاس عطـار قـادري

## امير اهل سُنت

جي ڪتـاب ”گفتگو جـا آداب“ مـان هڪ قسط .

# زبان جي حفاظت جي اهميت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست


زبان جي حفاظت جي اهميت ........................ 1
دعاءِ عطار ........................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................ 1
الله پاڪ کان زبان جي تيزي جي شڪايت ........................ 2
اسان کي زبان مان ٻاهر نہ ڪڍ ........................ 2
زبان کي قيد ئي ۾ رهڻ گهرجي ........................ 2
زبان جي حفاظت سان عبادت تي استقامت ملندي آهي ........................ 3
فضول ڳالهہ تي پاڻ کي سزا ........................ 3
سخت گرمي جو روزو برداشت مگر ........................ 4
زبان حفاظت جي وڌيڪ حقدار آهي ........................ 4
روزيءَ ۾ تنگي جو هڪ سبب ........................ 5
الله پاڪ سڀ ڳالهيون ٻڌي ٿو ........................ 5
جيڪڏهن فضول ڳالهيون ڪرڻ تي رقم ڏيڻي پئي تہ؟ ........................ 5
هر ڳالهہ ملائڪ لکندا آهن ........................ 6
فضول گفتگو جي متعلق هڪ واقعو ........................ 6
ست مدني گلن جو فاروقي گلدستو ........................ 8
فضول ڳالهين جو حساب نهايت ڏکيو هوندو ........................ 8
ڳالهائڻ واري جي عقل جو اندازو ٿي ويندو آهي ........................ 9
بازاري گفتگو ڪرڻ واري کي نصيحت ........................ 9
دعوت اسلامي نمازي ٻڻائي ڇڏيو ........................ 10
زبان ڄڻ تہ حملي جي لاءِ تيار شينهن ........................ 11
چير ڦاڙ ڪرڻ وارو درندو ........................ 11
مال جي حفاظت آسان آهي پر زبان ........................ 11
عاشقن جون 6 نشانيون ........................ 12
جهالت جون 6 نشانيون ........................ 13
فالتو ڳالهين جا چار ڏکائيندڙ نقصان ........................ 13

خاموشي سکو ........................ 15
عبادت جي شروعات خاموشي سان آهي ........................ 15
خاموشي عبادت جي ڪنجي آهي ........................ 16
پنج چڱيون نصيحتون ........................ 16
خاموشي جي فضيلت تي چار فرامين مصطفي ........................ 17
ست سالن جي عبادت کان بهتر ........................ 18
ڀلائي جي ڳالهه ڪريو يا چپ رهو ........................ 19
آقا ڪريم ڊگهي خاموشي وارا هئا ........................ 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# زبان جي حفاظت جي اهميت [1]

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”زبان جي حفاظت جي اهميت“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي زبان سان ٿيڻ وارن ۽ ٻين تمام گناهن کان بچاءِ، پنهنجو پسنديده ٻانهو بڻاءِ ۽ اُن کي والدين سميت بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي هيبتن ۽ حساب ڪتاب کان سڀ کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو، جنهن اوهان مان دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهيو هوندو.

(الفردوس بمأثور الخطاب، 277/5،حديث:8175)

[1] هي مضمون امير اهل سُنت جي ڪتاب ”گفتگو جا آداب“ مان ڪنيو ويو آهي.

## الله پاڪ ڪان زبان جي تيزي جي شڪايت

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڏٺو تہ مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي زبان مبارڪ کي هٿ سان پڪڙي ڇڪي رهيا آهن، پڇيائون: اي نائبِ رسول! اوهان هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو تہ هي مون کي هلاڪت (تباهي) وارن هنڌن تي وني وئي آهي، ۽ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جسم ۾ ڪو اهڙو عضو ناهي جيڪو الله پاڪ ڪان زبان جي تيزيءَ جي شڪايت نہ ڪندو هجي." (احياء العلوم (اردو) ج:3، ص:335، احياء العلوم، ج:3، ص: 135)

## اسان کي زبان مان ٻاهر نہ ڪڍ

ڏٺو اوهان! مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جهڙا جنتي صحابي بہ زبان جي آفتن کان تمام گهڻو ڊڄندا هئا، يقينًا هن ۾ اسان جي لاءِ تمام وڏي نصيحت آهي، ڇوتہ اسان تہ اهي انسان آهيون جيڪو اسان جي وات ۾ آيو ڇئي ڇڏيندا آهيون. حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: ڪيئي ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي ڳالهائڻ واري شخص کي چونديون آهن: "اسان کي زبان مان ٻاهر نہ ڪڍ." (منهاج العابدين (اردو) ص: 145، منهاج العابدين: ص: 66)

## زبان کي قيد ئي ۾ رهڻ گهرجي

عربي ڪهاوت آهي: مَاشَیۡءٌ اَحَقَّ بِطُوۡلِ السِّجۡنِ مِنَ اللِّسَانِ ڪا بہ شيءِ زبان کان وڌيڪ قيد ۾ رهڻ جي حقدار ناهي. (منهاج العابدين (اردو) ص 210، منهاج العابدين، ص: 96)

## زبان جي حفاظت سان عبادت تي استقامت ملندي آهي

ست عبادت گذارن مان هڪ عبادت گذار (الله پاڪ جي پياري نبي) حضرت يونُس (عَلَيْهِ السَّلَام) جي خدمت ۾ عرض ڪيو: جيڪي ماڻهو پوري ڪوشش سان عبادت ۾ مشغول رهندا آهن انهن کي عبادت تي جيڪا استقامت نصيب ٿيندي آهي اها زبان جي چڱي طرح حفاظت جو نتيجو آهي. پوءِ عبادت گذار عرض ڪيو: اوهان جي ويجهو ڪا به شيءِ زبان جي حفاظت کان وڌيڪ پسنديده نه هجڻ گهرجي ڇوته دل کي هر قسم جي وسوسن کان پاڪ رکڻ واري اها ئي آهي. (منهاج العابدين (اردو) ص: 210، منهاج العابدين، ص: 96 تا 97)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فضول ڳالهه تي پاڻ کي سزا

حضرت سيّدنا مالڪ بن ضَيغَم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي والد صاحب ٻڌايو ته: حضرتِ قَيسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان وٽ عصر کان پوءِ تشريف کڻي آيا ۽ منهنجي والد صاحب جي باري ۾ پڇيائين: اسان ٻڌايو ته ”هُو سُتا پيا آهن.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو ”ڇا هُو عصر کان بعد ستا پيا آهن؟ هن وقت؟ ڇا هي وقت سمهڻ جو آهي؟“ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واپس موٽي ويا. اسان هڪ شخص کي انهن جي پنيان موڪليو ته جيئن کين ٻُڌائي ته اوهان موٽي اچو! مان ان کي اوهان جي لاءِ جاڳايان ٿو. اهو شخص مغرب کان پوءِ اسان وٽ آيو ته اسان ان کان پڇيو: ڇا اوهان ان کي نياپو ڏئي ڇڏيو هو؟ چيائين: هو پاڻ ۾ ايترو ته مصروف هو جو منهنجي ڳالهه تي توجهه نه ڏنائين، مون ان کي ڏٺو ته هو قبرستان ۾ داخل ٿي رهيو هو ۽ پاڻ کي ڇڙٻيندي چئي رهيو هو: ”انسان جڏهن چاهي سمهي تو هي جو چيو ته هي

کھڙو سمھڻ جو وقت آھي! توکي فضول سوال نہ ڪرڻ گھرجي ھا، ھاڻي مان اللّٰہ پاڪ سان وعدو ڪيان ٿو ۽ ان کي ڪڏھن نہ ٽوڙيندس تہ مان توکي پورو ھڪ سال سمھڻ نہ ڏيندس.“ جڏھن مون ھي ڳالھ ٻڌي تہ ان کي ڇڏي واپس ھليو آيس. (الله والوں کی باتیں، ج: 6، ص: 269تا 270)

سُبْحٰنَ اللّٰـه! ھڪ طرف اسان جي بزرگ سڳورن جو عمل آھي ۽ افسوس ٻئي طرف اسان جي بگڙيل حالتن جا غير ضروري اعتراضَ، فضول تنقيد ۽ غير ضروري سوالن کان فرصت نٿي ملي. ڪاش! اسان جي زبانن تي لغام لڳڻ جي ڪا صورت بڻجي وڃي.

## سخت گرمي جو روزو برداشت مگر

حضرتِ يونُس بن عُبَيد رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ (عاجزي طور) فرمائن ٿا: منھنجو نفس(عراق جي شھر) بصري جي سخت گرمي ۾ روزو رکڻ جي تڪليف (تہ) برداشت ڪري سگھي ٿو پر فضول ڳالھين مان ھڪ لفظ(بہ) ڇڏڻ جي طاقت نٿو رکي. (منھاج العابدين (اردو) ص: 141، منھاج العابدين، ص: 64)

## زبان حفاظت جي وڌيڪ حقدار آھي

اي عاشقانِ رسول! يقيناً شرم گاھ جي حفاظت نہ ڪرڻ بہ سخت گناھ ۽ حرام ۽ جھنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي ۽ واقعي سٺي ڳالھائڻ ۾ چڱائي ۽ بري ڳالھائڻ ۾ برائي آھي. زبان محشر ۾ شايد وڏن وڏن کي ڦاسائي ڇڏيندي. ھن جي حفاظت جي ڏاڍي ضرورت آھي. تابعي بزرگ حضرت سيّدنا ابو حازِم رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مومن کي گھرجي تہ پنھنجي شرم گاھ کان وڌيڪ پنھنجي زبان جي حفاظت ڪري. (الله والوں کی باتیں، ج: 3، ص: 331، حلیۃُ الاولیا ج: 3، ص: 267، قول نمبر: 3909)

## روزيءَ ۾ تنگي جو هڪ سبب

حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جڏهن توهان پنهنجي دل ۾ سختي، جسم ۾ ڪمزوري ۽ رزق ۾ تنگي ڏسو ته ڄاڻي وٺو ته توهان ڪا فضول ڳالهه وات مان ڪڍي آهي. (منهاج العابدين ص: 65، منهاج العابدين (اردو) ص: 142)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه پاڪ سڀ ڳالهيون ٻڌي ٿو

حضرت سيدنا بشر حافي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه نهايت گهٽ گفتگو ڪندا هئا ۽ پنهنجي دوستن کي فرمائيندا هئا: "توهان غور ڪيو ته توهان پنهنجي اعمالنامن ۾ ڇا لکرائي رهيا آهيو، ڇو ته اهي توهان جي رب ڪريم جي سامهون پيش ٿيندا. ته جيڪو شخص بري گفتگو ڪندو آهي ان تي افسوس آهي، جيڪڏهن پنهنجي دوست کي ڪجهه لکرائيندي ڪڏهن برا الفاظ لکرايو ته هي ان ۾ توهان جي بي حيائي تصور ڪئي ويندي پوءِ اللّٰه پاڪ سان توهان جو ڪهڙو معاملو آهي.؟" (تنبيهُ المغترين، ص: 190)

## جيڪڏهن فضول ڳالهيون ڪرڻ تي رقم ڏيڻي پئي ته؟

حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: "توهان جا عمل لکڻ وارا ملائڪ جيڪڏهن روزانو توهان کان هن صحيفن(يعني ڪتابن) جي قيمت طلب ڪن جن ۾ هو توهان جا اعمال لکن ٿا (ته پئسا بچائڻ جي خاطر) توهان پنهنجون گهٽيون فضول ڳالهيون ڇڏي ڏيو، پر اهو معلوم هئڻ جي باوجود ته(توهان جي فضول ڳالهين واري) انهن صحيفن

(BOOKS) ڪي توهان جي رب جي دربار ۾ پيش ٿيڻو آهي ته توهان پاڻ ڪي(فضول ڳالهين کان) چو نٿا روڪيو؟“ (ابن عساکر، ج: 56، ص: 418)

## هر ڳالهه ملائڪ لکندا آهن

جڏهن ڪي وڏيون شخصيتون سامهون هونديون آهن يا ڪڏهن ”اربابِ ڪرسي“ يعني دنيا جي حاڪم ڏانهن وڃڻ ٿيندو آهي ته زبان خوب سنڀلجي ويندي آهي، پر اهو معلوم هجڻ جي باوجود ته عزت وارا ملائڪ هر ڳالهه لکي رهيا آهن پر تنهن هوندي به تعجب آهي ته ماڻهن کي بي شرمي ۽ بي حيائيءَ جون ڳالهيون ڪيئن ٿيون ذهن ۾ اچن ! زبان تي گار وغيره ڪيئن اچي ويندي آهي! حضرت امامِ حسن بصري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فرمائن ٿا ته انسان تي تعجب آهي جو ڪِرامًا ڪاتِبين (يعني عزت وارا، لکڻ وارا ملائڪ) هن سان گڏ آهن ۽ هن جي زبان انهن جو قلم، ۽ هن جي ٿُڪ انهن جي مسُ آهي، پر پوءِ به اهو بيهوده ڪلام (يعني فضول ۽ گنديون ڳالهيون) ڪري ٿو. (تنبيهُ المغترين، ص: 190)

الٰہی! بُری گفتگو سے بچانا
مِری یاوہ گوئی کی عادت مٹانا

یاوہ گوئی جي معنيٰ: فضول ڳالهيون ڪرڻ.

## فضول گفتگو جي متعلق هڪ واقعو

حضرت ابو عُبَيد رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه بيان ڪن ٿا: اسان حضرت محمد بن سُوَقَه رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين ته پاڻ فرمايائون: ڇا مان توهان کي اهڙي ڳالهه نه ٻڌايان جنهن مون کي فائدو پهچايو ۽ ٿي سگهي ٿو اها توهان کي به فائدو پهچائي؟ هڪ ڀيري حضرت عطاء بن ابو رَباح رَحۡمَةُاللهِ

عَلَيْه فرمايو: اي پائٽيا! توهان کان پهريان گذريل ماڻهو فضول گفتگو ناپسند ڪندا هئا، هُو قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ، نيڪي جو حڪم ڏيڻ، برائي کان منع ڪرڻ ۽ ضروري ڳالهه کان سواءِ تمام گفتگو کي ”فضول ڳالهين“ ۾ شمار ڪندا هئا. ڇا توهان هنن ارشادات الٰهي جو انڪار ڪيو ٿا؟ (جيئن ته ارشاد ٿئي ٿو:)

وَ اِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ﴿۱۰﴾ كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ﴿۱۱﴾ (پ ۳۰، الانفطار : 11،10)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان تي ڪجهه ضرور نگهبان مقرر آهن. معزز لکڻ وارا.

(هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد ٿئي ٿو:)

عَنِ الْيَمِيْنِ وَ عَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ ﴿۱۷﴾ مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿۱۸﴾ (پ 26، ق : 17،18)

ترجمو ڪنزالعرفان: هڪ ساڄي پاسي ٻيو کاٻي پاسي وينو آهي. اهو زبان مان ڪا ڳالهه ناهي ڪيندو پر هڪ محافظ ملائڪ ان وٽ تيار بيٺو هوندو آهي.

ڇا توهان مان ڪنهن کي شرم نه ايندو ته جيڪڏهن ڪيس سڄي ڏينهن جو اعمالنامو سندس سامهون کوليو وڃي ته اڪثر ان ۾ اهي شيون ڏسي جنهن جو تعلق نه دين سان هجي نه دنيا سان.

(الله والوں کی باتیں ج: 3، ص: 440)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ست مدني گلن جو فاروقي گلدستو

مسلمانن جا پيا خليفه حضرت سيدناعمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: (1) فضول ڳالهائڻ کان بچڻ واري کي حکمت ۽ دانائي عطا ڪئي ويندي آهي (2) فضول نظري يعني بغير ضرورت جي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ يا هروڀرو مختلف شين يا طرح طرح جا منظر ڏسڻ کان بچڻ واري کي خشوعِ قلب (يعني رقت ۽ سوز) ڏنو ويندو آهي (3) فضول طعام (يعني بي ضرورت کائڻ يا صرف لذت لاءِ قسم قسم جون شيون کائڻ) ڇڏي ڏيڻ واري کي عبات ۾ لذت ڏني ويندي آهي (4) فضول کلڻ کان بچڻ واري کي رُعب ۽ دٻدٻو عطا ڪيو ويندو آهي (5) مذاق مسخري کان بچڻ واري کي ايمان جو نور نصيب ٿيندو آهي (6) دنيا جي محبت کان بچڻ واري کي آخرت جي محبت ڏني ويندي آهي (7) ٻين جي عيبن جي ڳولها کان بچڻ واري کي پنهنجي عيبن جي اصلاح جي توفيق ملندي آهي. (المنبهات، ص: 89 تا 90 ماخوذاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فضول ڳالهين جو حساب نهايت ڏگهو هوندو

بيان ڪيو ويو آهي: اِيَّاكَ وَالْفُضُوْلَ فَاِنَّ حِسَابَهٗ يَطُوْلُ فضول گفتگو کان بچو! ڇوته ان جو حساب ڏگهو ٿيندو. (منهاج العابدين، ص: 67، منهاج العابدين (اردو) ص: 147)

هڪ ٻيو بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو:

اِحْفَظْ لِسَانَكَ لَا تَقُوْلُ فَتُبْتَلٰى اِنَّ الْبَلَاءَ مُوَكَّلٌ بِالْمَنْطِقِ

ترجمو: پنهنجي زبان جي حفاظت ڪر، نه ڳالهاءِ نه مصيبت ۾ پئه، بيشڪ مصيبتون ڳالهائڻ سان جڙيل هونديون آهن. (منهاج العابدين، ص: 66)

## ڳالهائڻ واري جي عقل جو اندازو ٿي ويندو آهي

حضرت عبدالله ابن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

(1) اَلَا احْفَظْ لِسَانَكَ اِنَّ اللِّسَانَ سَرِيْعٌ اِلَى الْمَرْءِ فِيْ قَتْلِهٖ

(2) وَاِنَّ اللِّسَانَ دَلِيْلُ الْفُؤَادِ يَدُلُّ الرِّجَالَ عَلٰى عَقْلِهٖ

(1) پنهنجي زبان جي حفاظت ڪر ڇوته هي معمولي عضوو تمام جلدي انسان کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.

(2) بيشڪ زبان انسان جي دل تي دليل آهي جيڪا گفتگو ڪرڻ وارن جي عقل جو اندازو ٻڌائيندي آهي. (منهاج العابدين، ص: 66، منهاج العابدين (اردو) ص: 144)

## بازاري گفتگو ڪرڻ واري کي نصيحت

شيخ افضلُ الدّين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ شخص کي بازاري گفتگو ڪندي ٻڌو ته ارشاد فرمايو: اي ڀاءِ! الله پاڪ ٻانهي جا ڪن ۽ زبان ٺاهيا ته جيئن چڱو ٻڌي ۽ چڱو ڳالهائي، قرآنِ ڪريم، حديث پاڪ، اَذان ۽ امام کان تڪبيرِ تحريمه ۽ جيڪو توکي نصيحت ڪري ان جي نصيحت ٻڌ ۽ زبان ۽ ڪن کي ڪل ٻوڪ، غيبت، بهتان، ڪوڙ، چغلي ۽ بيڪار ڳالهين ٻڌڻ جي لاءِ پيدا ناهي فرمايو ويو. اي ڀاءُ! پنهنجي ڪنن ۽ زبان کي لاحاصل شين ۾ استعمال ڪرڻ کان بچاءِ، اهو سراسر نقصان آهي ۽

جيڪڏهن زبان جي تيزي جي بنياد تي ڪا (گناهه واري) ڳالهه نڪري وڃي تہ يڪدم توبهہ ۽ استغفار ڪيو. (المنن الکبریٰ، ص: 547)

## دعوت اسلامي نمازي بڻائي ڇڏيو

اَلْحَمْدُلِلّٰه دعوت اسلامي جو ديني ماحول اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ اسلامي ڀينرن جي لاءِ بہ فائدي مند آهي. جيئن تہ ڊسڪہ(پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀيڻ ٻين عام ڇوڪرين وانگر ناجائز فيشن ڪندي هئي ۽ نمازن کان بہ پري رهندي هئي. پوءِ ان جو پنهنجي مامي جي زير انتظام هلندڙ مدرسي ۾ پڙهڻ جي لاءِ وڃڻ ٿيو، جتي هڪ ڏينهن دعوت اسلامي سان وابستہ ڪجهہ اسلامي ڀينرون هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ آيون جنهن جي نتيجي ۾ هي بہ پنهنجي سهيلي جي اصرار تي اسلامي ڀينرن جي اجتماع ۾ شريڪ ٿي وئي. اتي سنتن ڀريو بيان ٻڌو، اجتماعي رقت انگيز دعا ان تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ ان گناهن کان توبهہ ڪري ورتي. دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان بعد هڪ ڏينهن اهو آيو جو ان ”اسلامي ڀينرن جو 12 ڏينهن جو مدني ڪم ڪورس“ (جنهن کي هاڻي ديني ڪم ڪورس چوندا آهن) بہ ڪيو ان کي دعوت اسلامي جون اهڙيون برڪتون نصيب ٿيون جو فرض نمازون ادا ڪرڻ سان گڏو گڏ نفل نمازون بہ ادا ڪرڻ لڳي. ان جو جذبو آهي تہ مان پنهنجي ڳوٺ ۾ خوب ديني ڪم ڪنديس ۽ جيستائين ساهہ باقي آهي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، ”دعوت اسلامي“ سان لاڳاپيل رهنديون.

پلا کر مئے عشق دے گا بنایہ
تمہیں عاشقِ مصطفےٰ مدنی ماحول

اے اسلامی بہنو! تمہارے لئے بھی
سُنو ہے بہت کام کا مدنی ماحول

(وسائلِ بخشش، ص: 648)

## زبان ڇڻ ته حملي جي لاءِ تيار شينهن

حضرت سيدنا اِبن اَبي مُطِيّع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

(1) لِسَانُ الْمَرْءِ لَيْثٌ فِيْ كَمِيْنٍ اِذَا خَلّٰى اِلَيْهِ لَهٗ اِغَارَهْ

(2) فَصُنْهُ عَنِ الْخَنَا بِلِجَامِ صَمْتٍ يَكُنْ لَكَ مِنْ بَلِيَّاتٍ سِتَارَهْ

(1) زبان (تباهه ڪرڻ ۾) حملي جي لاءِ تيار لڪيل شينهن وانگر آهي جيڪا موقعو ڏسندي ئي تباهي مچائي ڇڏي ٿي (2) ان ڪري زبان کي خاموشي جو لغام ڏئي فضوليات کان روڪي رک، هن طرح تون ڪيئي آفتن کان بچي ويندين. (منهاج العابدين، ص: 66، منهاج العابدين (اردو) ص: 145)

## چير ڦاڙ ڪرڻ وارو درندو

هڪ قُريشي بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: ڪنهن عالم صاحب کان پڇيو ويو ته اوهان خاموش ڇو رهندا آهيو؟ فرمايائون: مون پنهنجي زبان کي چيرڦاڙ ڪندڙ درندو پاتو آهي، مون کي خوف آهي ته جيڪڏهن مان ان کي کليو ڇڏي ڏيندس ته هي مون کي چيري کائيندو. (ايک چپ سو سکھ (خاموشی کے فضائل) ص: 21)

## مال جي حفاظت آسان آهي پر زبان....

دولت کي انسان تجوڙي ۾ بند ڪري حفاظت سان رکي سگهي ٿو. گهٽو خزانو هجي ته هٿياربند چونڪيدار بيهاري به حفاظت ڪري سگهجي ٿي، پر ڪمال ته اهو آهي ته ڪو پنهنجي زبان جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. جيئن حضرت محمد بن واسع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت مالڪ

بن دينار رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه کي فرمايو: انسان جي لاءِ زبان جي حفاظت مال جي حفاظت کان وڌيڪ مشڪل آهي .“ (اتحافُ السادة ج: 9، ص: 144)

پنهنجي مال جي حفاظت جي معاملي ۾ عام طور هر شخص هوشيار هوندو آهي. حالانڪ مال ضايع ٿي بہ ويو تہ رڳو دنيا جو نقصان آهي. پر صد ڪروڙ افسوس! هاڻي زبان جي حفاظت جي سوچ نهايت گهٽ ٿي وئي آهي، يقينًا زبان جي حفاظت نہ ڪرڻ جي سبب دنيا جي نقصان سان گڏوگڏ آخرت جي بربادي جو بہ پورو پورو احتمال (POSSIBILITY) آهي.

بَک بَک کی یہ عادت نہ سرِ حشر پھنسادے اللہ زَبان کا ہو عطا قُفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش، ص: 93)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشقن جون 6 نشانيون

چون ٿا:

عاشقان راشش نشاں سَت اے پسر　　　　آہ سَرِ دو رنگ زَرد و چشمِ تر
گر تُراپُر سَند سِہ دیگر کدام؟　　　　کم خُورد، کم گُفتَن و خُفتَن حرام

ترجمو: عاشق جون ڇهہ نشانيون آهن: (1) ٿڌيون آهون (2) چهري جو رنگ ڦڪو ٿيڻ (3) اکيون اشڪبار (4) گهٽ کائڻ (5) گهٽ ڳالهائڻ ۽ (6) گهٽ سمهڻ.

## جهالت جون 6 نشانيون

ڳالهه ڳالهه تي ڪاوڙجڻ، ڳالهائيندو رهڻ، فضول خرچي ڪرڻ، سيني ڪي راز جون ڳالهيون ٻڌائيندو وتڻ، هر ڪنهن تي ڀروسو ڪري ويهڻ، بري صحبت کان نہ بچڻ ۽ چڱي صحبت اختيار نہ ڪرڻ، اهي سڀ جهالت جون نشانيون آهن. هڪ عقلمند شخص جو چوڻ آهي تہ ڇهہ ڳالهيون اهڙيون آهن جنهن سان جاهل کي سڃاتو ويندو آهي: (1) ڪاوڙ جي وقت. يعني هر مزاج جي خلاف ڳالهہ تي ڪاوڙ ۾ اچڻ چاهي اها ڪنهن انسان جي طرفان پيش اچي يا ڪنهن جانور وغيره جي سبب (2) بيڪار گفتگو. لهذا عقلمند کي گهرجي تہ لاحاصل گفتگو نہ ڪري، بلڪ هن کي مفيد (يعني فائدي واري) ڳالهہ ئي ڪرڻ گهرجي، چاهي دنيا جي فائدي جي هجي يا آخرت جي فائدي جي(3) فضول خرچي ڪرڻ. يعني اها بہ جهالت جي نشاني آهي تہ مال اهڙي جڳهہ لڳائي جتي ڪو اجر يا فائدو حاصل نہ ٿئي (4) هر ڪنهن سان راز جي ڳالهہ ڪندو رهي (5) هر ڪنهن تي ڀروسو ڪري ويهي (6) دوست ۽ دشمن ۾ فرق نہ ڪري سگهي، يعني مناسب تہ اهو آهي تہ انسان پنهنجي دوست (يعني نيڪ ماڻهن) کي سڃاڻي انهن جهڙا عمل ڪري، ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلي ۽ دشمنن کي (يعني برن ماڻهن کي) سڃاڻي انهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ۽ بيشڪ انسان جو ڀريون دشمن شيطان آهي، تنهنڪري ڪنهن ڳالهہ ۾ بہ شيطان جو چوڻ نہ مڃي(۽ هر طرح جي گناهہ کان بچي). (تنبيہ الغافلين، ص: 115 ملخصاً)

## فالتو ڳالهين جا چار ڏڪائيندڙ نقصان

حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هنن چئن سببن جي ڪري فضول ڳالهين جي مذمت(يعني برائي بيان)فرمائي

آهي: (1) فضول ڳالهيون ڪرامًا ڪاتِبين (يعني اعمال لکڻ وارن عزتدار ملائڪن) کي لکڻيون پونديون آهن، تنهنڪري انسان کي گهرجي ته هنن کان شرم ڪري ۽ هنن کي فضول ڳالهيون لکڻ جي زحمت (يعني تڪليف) نه ڏي.

اللهُ پاڪ سيپاري 26 سورت ق آيت نمبر 18 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿۱۸﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اهو زبان مان ڪا ڳالهه ناهي ڪيندو پر هڪ محافظ ملائڪ ان وٽ تيار ويٺو هوندو آهي.

(2) هيءَ ڳالهه سٺي ناهي جو فضول ڳالهين سان ڀريل اَعمالنامو اللهُ تعالي جي بارگاهه ۾ پيش ٿئي. (3) اللهُ پاڪ جي دربار ۾ سڀني مخلوق جي سامهون ٻانهي کي حڪم ٿيندو ته پنهنجو اَعمال نامو پڙهي ٻڌايو! هاڻي قيامت جون خوفناڪ سختيون اُن جي سامهون هونديون انسان بي لباس هوندو، اُڃ ۾ ستايل، بُک کان چيلهه چٻي ٿي رهي هوندي، جنّت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويو هوندو هر قسم جي راحت اُن تي بند ڪيل هوندي. غور ته ڪيو وچي اَهڙي تڪليف وارين حالتن ۾ فُضول ڳالهين کان ڀريل اَعمال نامو پڙهي ڪري ٻڌائڻ ڪيتري قدر پريشان ڪندڙ هوندو! (حساب لڳايو جيڪڏهن روزانو 15 منٽ به فضول ڳالهايو آهي ۽ جيڪڏهن هر مهيني جا 30 ڏينهن فرض ڪيون ته هڪ مهيني جا ساڍا ست ڪلاڪ ٿيا ۽ هڪ سال جا 90 ڪلاڪ ٿيا، فرض ڪيو ڪنهن 50 سال تائين اوسطًا (يعني AVERAGE) 15 منٽ فضول گفتگو ڪئي آهي ته 187 ڏينهن 12 ڪلاڪ ٿيا يعني 6 مهينن کان وڌيڪ ته غور فرمايو قيامت جو هولناڪ

ڏينهن جنهن ۾ سج رڳو هڪ ميل تي رهي ڪري باهه وَسائي رهيو هوندو يعني سخت ترين گرمي هوندي اهڙي هوش خطا ڪندڙ گرمي ۾ لاڳيتو بنا وقفي جي 6 مهينن تائين ڪير اعمالنامو پڙهي ڪري ٻڌائيندو! هي تہ 50 سال جي عمر جي هجڻ جي صورت ۾ صرف يوميہ (يعني DAILY) هر روز 15 منٽن جي فضول ڳالهائڻ جو حساب آهي. اسان جا تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترا ئي ڪلاڪ دوستن سان گڏ ”فضول گپ شپ“ ۾ گذري ويندا آهن گناهن ڀري گفتگو ۽ ٻيون برائيون ان کان علاوه آهن) .(4) قيامت جي ڏينهن ٻانهي کي فضول ڳالهين تي ملامت ڪئي ويندي ۽ ان کي شرمسار ڪيو ويندو ٻانهي وٽ ان جو ڪوبہ جواب نہ هوندو هُو الله وٽ شرمندگي سبب پگهر ۾ شل ٿي ويندو. (منهاج العابدين، ص: 67)

هر لفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دوں گا اللہ! زَبان کا ہو عطا قُفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش، ص: 93)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خاموشي سکو

حضرت سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ: خاموشي سکو پوءِ حلم (يعني نرمي ۽ برداشت) سکو پوءِ علم سکو پوءِ ان تي عمل سکو پوءِ علم (سيکاريو ۽) ڦهلايو. (شعب الايمان ج: 2، ص: 288، قول نمبر : 1791)

## عبادت جي شروعات خاموشي سان آهي

حضرت امام سُفيان ثوري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمايو: ”عبادت جي ابتداء

خاموشي سان آهي، پوءِ علم حاصل ڪرڻ، ان کان پوءِ ان کي ياد رکڻ، پوءِ ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي پکيڙڻ“ (تاريخ بغداد ج:6، ص:6)

## خاموشي عبادت جي ڪنجي آهي

حضرت امام سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا، چون ٿا، ”گهٽي خاموشي عبادت جي ڪنجي آهي“ (الصّمت مع موسوعة ابن ابى الدنيا ج: 7، ص: 255، قول نمبر 436)

## پنج چڱيون نصيحتون

تابعي بزرگ حضرت امام مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان فرمائن ٿا ته (صحابي ابن صحابي) حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کي مون هي فرمائيندي ٻڌو ته پنج شيون مون کي سواري جي لاءِ تيّار بهترين ڪاري گهوڙن کان وڌيڪ پياريون آهن:

(1) بي فائديمند گفتگو نہ ڪيو ڇو ته هي فضول آهي ۽ مون کي توهان تي گناه (وارين ڳالهين) ۾ پوڻ جو خوف آهي ۽ فائديمند گفتگو بہ بغير موقعي نہ ڪيو ڇوته ڪيترائي فائديمند گفتگو ڪرڻ وارا بہ بغير موقعي جي فائديمند ڳالهيون ڪري مشقّت(يعني تڪليف) ۾ پئجي ويندا آهن.

(2) ڪنهن بردبار (يعني قوت برداشت رکڻ واري انسان سان) ۽ (ڪنهن) بي عقل ۽ بي وقوف شخص سان بحث نہ ڪيو ڇوته بردبار (برداشت جي سگهه رکڻ وارو ناراض تي ڪري تي سگهي ٿو) توهان

سان دل ۾ بغض رکي ڇڏي ۽ بي وقوف توهان کي (اُبتيون سبتيون ڳالهيون ڪري) توهان کي اذيّت (يعني تڪليف) پهچائي.

(3) پنهنجي ياءُ جو تذڪرو پرپُٺ (ٻـ) انهيءَ ريت ڪيو جنهن ريت توهان ان کان پنهنجي لاءِ تذڪرو پسند ڪيو ٿا ۽ ان ڳالهين ۾ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو جنهن جي باري ۾ توهان چاهيو ٿا تہ هو توهان کي معاف ڪري ڇڏي.

(4) پنهنجي ياءُ سان اهڙو ئي سلوڪ ڪيو جهڙو اوهان ان سان چاهيو ٿا هو توهان سان ڪري.

(5) ان شخص وانگر عمل ڪيو جنهن کي يقين هجي تہ نيڪي تي ان کي (سٺو بدلو) ڏنو ويندو ۽ گناهہ تي ان جي پڪڙ ٿيندي.

(احياء العلوم (اردو) ج: 3، ص: 344)

## خاموشي جي فضيلت تي چار فرامين مصطفي

(1) مَنْ صَمَتَ نَجَا يعني جيڪو چپ رهيو ان نجات ماٺي.

(ترمذي، ج: 4، ص: 225، حديث: 2509)

**حديث جي شرح:** يعني خاموشي نجات جو سبب آهي پر ڀلائي جي ڳالهہ ڪرڻ، چڱي ڪم جو حڪم ڏيڻ، برائي کان روڪڻ ۽ ذڪرواذڪار ۽ تلاوتِ قرآن تي هميشگي ڪرڻ، خاموش رهڻ کان بهتر آهي. (الاستذڪار ج:7، ص: 372) حضرت علامہ مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي شرح جي مطابق حديث پاڪ جي هي معنيٰ بڻجي ٿي: (مَنْ صَمَتَ) عَنِ النُّطْقِ بِالشَّرِّ (نَجَا) يعني جيڪو خاموش رهيو (بري ڳالهہ چوڻ سان) ان نجات ماٺي

(التيسير ج: 2، ص: 428)

(2) اَصَّمْتُ سَيِّدُ الْاَخْلَاق يعني خاموشي اخلاق جي سردار آهي. (الفِردوس، ج: 2، ص: 417، حديث: 385)

(3) اَلصَّمْتُ اَرْفَعُ الْعِبَادَةِ يعني خاموشي اعلٰي درجي جي عبادت آهي. (الفردوس، ج: 2، ص: 417، حديث: 3849) **حديث جي شرح:** يعني خاموشي عبادتن جي بهترين قسمن (KINDS) مان آهي ڇوته اڪثر خطائون زبان سان ٿي ٿينديون آهن. (سراج منير شرحِ جامع صغير، ج: 3، ص: 279)

(4) اَلصَّمْتُ زَيْنٌ لِّلْعَالِمِ وَسِتْرٌ لِّلْجَاهِل يعني خاموشي عالم جي لاءِ زينت ۽ جاهل جي لاءِ پردو آهي. (جامع صغير، ص: 318، حديث: 5159)

## سٺ سالن جي عبادت کان بهتر

سرڪارمدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: ”خاموشي تي قائم رهڻ سٺ (60) سال جي عبادت کان بهتر آهي.

(شعب الايمان ج:4، ص: 245، حديث: 4953)

**حديث جي شرح:** مشهور مُفَسِّر حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي معنٰي هيئن بيان ڪن ٿا: يعني جيڪڏهن ڪو شخص سٺ سال جي عبادت ڪري پر گهڻي گفتگو بہ ڪري، چڱي بري ڳالهہ ۾ فرق نہ ڪري ان کان بهتر هي آهي تہ ٿوري دير چپ رهي، ڇوتہ خاموشي ۾ (آخرت جي) فڪر بہ آهي، نفس جي اصلاح بہ، معارف و حقائق ۾ استغراق (يعني يادِ الٰهي ۾ گم ٿي وڃڻ) بہ، ذڪرِ خفي (يعني دل جي ذڪر) جي سمنڊ ۾ غوطو لڳائڻ بہ، مُراقبہ(يعني سيني شين کي ڇڏي الله پاڪ جي خيال ۾ گم ٿي وڃڻ) بہ. (مرآت، ج: 6، ص: 361)

## پلائي جي ڳالھ ڪريو يا چپ رھو

ڪاش!بخاري شريف جي ھيءَ حديثِ پاڪ اسان جي ذھن ۾ چڱي طرح ويھي وڃي، جنھن ۾ ھي بہ آھي: مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا اَوْ لِيَصْمُتْ "جيڪو اللّٰہ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ان کي گھرجي تہ پلائي جي ڳالھ ڪري يا چپ رھي." (بخاري، ج: 4، ص: 105، حديث: 6018)


## آقا ڪريم ڊگھي خاموشي وارا ھئا

كَانَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طَوِيلَ الصَّمْتِ: يعني رسولُ اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڊگھي خاموشيءَ وارا ھئا. (شرحُ السّنة، ج: 7، ص: 45، حديث: 3589) حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھن حديث پاڪ جي معنٰي بيان ڪندي فرمائن ٿا: خاموشي مان مراد دنياوي ڪلام(يعني دنياوي ڳالھين) کان خاموشي آھي نہ تہ پاڻ ڪريم (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي زبان شريف اللّٰہ پاڪ جي ذڪر سان تر رھندي ھئي، ماڻھن سان بنا ضرورت ڪلام (يعني گفتگو) نہ فرمائيندا ھئا. ھي جائز ڪلام (يعني جائز ڳالھ بولھ) جو ذڪر آھي، ناجائز ڪلام تہ پاڻ سڄورن سڄي عُمر زبان شريف تي آندائون، نہ ڪوڙ، غيبت، چغلي، وغيره سڄي عُمر شريف ۾ ھڪ پيرو بہ زبان مبارڪ تي نہ آيا. حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سچوئي حق آھن پوءِ پاڻ تائين باطل جي رسائي (يعني پھچ) ڪيئن ٿي ٿئي سگھي. (مرآت، ج: 8، ص: 81)

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net